# فيضانِ شيخ عبدُالواحد تميمي رحمۃ اللہ علیہ

## مع تذڪرو

# شيخ ابوالفرح يوسف طرطوسي رحمۃ اللہ علیہ

سنڌي



پيشڪش:
مجلس المدينة العلميه (دعوت اسلامي)
ترجمو:
ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَ الصَّلٰوةُ وَ السَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

## ڪتاب پڙهڻ جي دعا

ديني ڪتاب يا اسلامي سبق پڙهڻ کان پهريان هيٺ ڏنل دعا پڙهي ڇڏيو اِنْ شَآءَالله جيڪو ڪجهه پڙهندا ياد رهندو، دعا هي آهي:

اَللّٰهُمَّ افْتَحْ عَلَيْنَا حِكْمَتَكَ وَانْشُرْ عَلَيْنَا رَحْمَتَكَ يَا ذَاالْجَلَالِ وَالْاِكْرَام

ترجمو: اي الله عَزَّوَجَلَّ اسان تي علم ۽ حڪمت جا دروازا کولي ڇڏ ۽ اسان تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ! اي عظمت ۽ بزرگي وارا!

(مستطرف ج ۱ ص۴۰ دار الفڪربيروت)



طالب غم
مدينہ
بقيع
و
مغفرت

(نوٽ: اول آخر هڪ هڪ ڀيرو درود شريف پڙهي ڇڏيو)

رسالي جو نالو: **فيضانِ شيخ عبدُالواحد تميمي** رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه **مع تذڪرو ابوالفرج يوسف طرطوسي** رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه

ڇاپو پهريون: ذو الحج 1443هـ جولاءِ 2022ع

تعداد:

ڇاپيندڙ: مڪتبة المدينہ عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ بابُ المدينہ ڪراچي

مدني التجا: ڪنهن کي بہ هي ڪتاب ڇاپڻ جي اجازت ناهي

**ڪتاب خريد ڪندڙ توجهه فرمائن**

ڪتاب جي ڇپائي ۾ ڪا وڏي خرابي هجي يا صفحا گهٽ هجن يا بائنڊنگ ۾ اڳتي پوئتي ٿي ويا هجن تہ مڪتبة المدينہ سان رابطو فرمايو.

# فيضانِ شيخ عبدُالواحد تميمي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه

## مع تذڪرو ابوالفرح يوسف طرطوسي رَحۡمَةُاللّٰهِ عَلَيۡه

### پيشڪش

**اسلامڪ ريسرچ سينٽر** (دعوت اسلامي)

### ترجمو

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ** (دعوت اسلامي)

هن رسالي جو آسان سنڌي زبان ۾ ترجمي ڪرڻ جي وس آهر ڪوشش ڪئي آهي. جيڪڏهن ترجمي يا ڪمپوزنگ ۾ ڪٿي ڪا ڪمي بيشي نظر اچي ته ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ کي آگاهه ڪري ثواب جا حقدار بڻجو.

**رابطي جي لاءِ:**

**ٽرانسليشن ڊپارٽمنٽ (دعوت اسلامي) عالمي مدني مرڪز فيضان مدينه محلہ سوداگران پراڻي سبزي منڊي باب المدينه ڪراچي**

**UAN:** ☎ +92-21-111-25-26-92 – Ext. 7213

**Email:** translation@dawateislami.ne

# فهرست

آسمانِ قادريت تي چمڪندڙ روشن تارو ........................ 1
ابوالفرح يوسف طرطوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 1
فيضانِ شيخ عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 3
مع تذڪرو ابوالفرح يوسف طرطوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ........................ 3
عذاب قبر جو هڪ سبَب (زبان جي بي احتياطي) ........................ 3
قادري سلسلي جو شان ........................ 4
سلسله عاليه قادريه جو 13 هون بُزرگ ........................ 5
قبيلي بنوتميم جو شانِ بزبانِ رحمتِ عالميان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ........................ 6
دجّال تي سڀ کان سخت ڪير؟ ........................ 6
شجره قادريّہ رضويّہ عطاريّہ ۾ ذڪرِ خير ........................ 7
حدائقِ بخشش ۾ ذڪرِ خير ........................ 8
والدِ محترم جو علمي مقام ........................ 8
سندن ياء جي حوالي سان دلچسپ روايت ........................ 9
پائتيا بہ فقہ جا امام هيا ........................ 10
فقہ حنبلي جا عظيمُ الشان امام ........................ 10
علمي مقام ۽ مرتبو ........................ 11
نهرِ فرات پنهنجا خزانا کولي ڇڏيندي ........................ 11
حضرتِ خضر عَلَيْهِ السَّلَام سان ملاقات ........................ 12
درود شريف جي صيغي جي صورت ۾ ذڪرِ خير ........................ 13

507 ڪرامتون ........................ 14
سنّتن تي عمل ........................ 14
مريدين خليفا ........................ 15
وفات شريف ........................ 15
قادري سلسلي ۾ مريد ٿيڻ جي برڪت ........................ 16
WhatsApp جي ذريعي مُريد بڻجو: ........................ 17
اشعار ........................ 18
فارسي شِعرَن جو ترجمو: ........................ 19
14 چوڏهون شيخ طريقت ........................ 20
شان ۽ عظمت ........................ 20
شجره قادريّہ رضويّہ عطاريّہ ۾ ذڪرِ خير ........................ 21
دعائيہ شِعر جو مفهو ........................ 21
دلچسپ معلومات ........................ 21
700 ڪرامتون ........................ 22
رحمتِ الاهي لهڻ جو نسخو ........................ 22
وفات شريف ........................ 23

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ
اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

# آسمانِ قادريت تي چمڪندڙ روشن تارو

الله پاڪ جا ڪروڙين احسان آهن جو ان اسان کي پنهنجي پياري پياري آخري نبي، مڪي مَدَني، محمد عربي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُمّت ۾ پيدا فرمائي اسان تي احسانِ عظيم فرمايو. ياد رکو! ظاهر ۽ باطن کي جسماني ۽ روحاني ناپاڪين کان پاڪ ۽ صاف ڪرڻ، نَفسِ اَمّارَه ۽ شيطانن جي چالين کان بچڻ جي لاءِ ڪامل پير جي دامن سان وابستگي هئڻ تمام ضروري آهي نہ تہ اِبليسِ لعين ۽ نفسِ اَمّاره جي جار کان بچڻ مشڪل آهي، بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم شروع ئي کان پيري مريدي فرمائيندا آيا آهن. طريقت جي سلسلن ۾ قادِري سلسلي جو اهڙو شان آهي جيئن غوثِ اعظم جو شان پاڪ بين ولين سڳورن تي، اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: بلاشُبہ قادري خاندان تمام خاندانن کان اَفضل آهي چوتہ حضور سيِّدُنا غوثُ الاَعْظم رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه افضل الاولياء آهن. (فتاوىٰ رضويہ،568/26)

اَلْحَمْدُلِلّٰه! قادري سلسلو سڄي دنيا ۾ مشهور ۽ معروف هئڻ سان گڏ طريقت جو سڀ کان وڏو سلسلو آهي. پندرين صدي جي سلسلي قادريہ رضويہ جا عظيم بزرگ اميرِ اهلِ سنّت حضرتِ علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه آهن. ڪين ڪيترن ئي بُزرگن کان چئني مشهور سلسلن ۾ بيعت ڪرڻ جي اجازت ۽ خلافت حاصل پڻ آهي پر پاڻ پنهنجي مريد تيڻ وارن کي حضورِ غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ئي مريد بڻائيندا آهن. اَلْحَمْدُلِلّٰه! سندن ذريعي قادري سلسلي ۾ مريد تيڻ وارن جو تعداد ڪروڙن ۾ آهي، اميرِاهلسنّت قادريہ رضويہ ضِيائيہ عطّاريہ سلسلي جا 41 (ايڪيتاليهان) بُزرگ آهن ۽ هن سلسلي ۾ سندن تعلق امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ امام احمد رضا خان

رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه کان ٿيندي پيرانِ پير، پيرِ دستگير سيدي حضور غوثِ اعظم رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه تائين آهي ۽ سندن کان حسنين ڪريمَيۡن رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہما کان ٿيندي مولاِئ علي مُشڪل ڪُشا رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡه جي ذريعي حضورِاڪرم صَلَّی اللّٰہُ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم سان وڃي ملي ٿو. هي رسالو قادري سلسلي جي 13 تيرهين بزرگ حضرت ابوالفضل عبدُالواحد تميمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي مبارڪ سيرت تي تيار ڪيو ويو آهي. اَلۡحَمۡدُلِلّٰه! هن رسالي جي لاءِ اردو، عربي ۽ فارسي جي تقريباً 50 کان وڌيڪ ڪتابن مان مواد تلاش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. ولادت ۽ وصال شريف جي حوالي سان بہ دستياب عربي ماخذ تي اعتماد ڪندي دارُالاِفتا اهلِ سنّت کان شرعي تفتيش کان پوءِ هي رسالو منظر عام تي آندو ويو آهي. حضرت عبدُالواحد تميمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي مزار شريف جي ڪا ويڊيو يا تصوير ملي وڃي، انهيءَ حوالي سان بغداد شريف بہ رابطو ڪيو ويو پر محروم رهياسون، جيتوڻيڪ ڪين مزار شريف ڏانهن منسوب هڪ تصوير ملي آهي جنهن کي شامل ڪيو ويو آهي، اَلۡحَمۡدُلِلّٰه. الله پاڪ! اسان کي اميرِ اهلِ سنّت جي ذريعي قادري هئڻ جهڙي سعادت مندي تي آخري ساهہ تائين استقامت عطا فرمائي ۽ دُنيا ۽ آخرت ۾ حضرت عبدُالواحد تميمي رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه ۽ حضورِ غوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللّٰہِ عَلَيۡه جي سچي غلامي نصيب فرمائي.

جميلؔ قادری سو جان سے ہو قربان مرشد پر
بنایا جس نے تجھ جیسے کو بندہ غوثِ اعظم کا

(قبالۂ بخشش، ص 101)

وَالسّلام مع الاڪرام

محمد طاهر عطاري مَدَني عُفِيَ عَنه

# فيضانِ شيخ عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

## مع تذڪرو ابوالفرح يوسف طرطوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه

دُعاءِ عطار: ياربّ المصطفيٰ! جيڪو بہ مڪمل رسالو "فيضانِ شيخ عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه" پڙهي يا ٻڌي وٺي، اُن کي قادري سلسلي جي بُزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي فيضان سان مالامال فرماءِ ۽ بي حساب بخشي ڪري غوثِ پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو جنّتُ الفِردوس ۾ پاڙو نصيب فرماءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## عذاب قبر جو هڪ سبَب (زبان جي بي احتياطي)

حضرتِ ابُوبڪر شِبلي بغدادي فرمائيندا آهن: مون پنهنجي پاڙيسري کي خواب ۾ ڏسي پڇيو: مَا فَعَلَ اللّٰهُ بِكَ؟ يعني الله پاڪ توهان سان ڪهڙو معاملو فرمايو؟ ان وراڻيو: مان خوفناڪ معاملن کان گهٻرائجي ويس، مُنڪر نَڪير جي سُوالن جا جواب بہ مون کان نٿي ٻڌجي سگهيا، مون دل ۾ خيال ڪيو تہ شايد منهنجو خاتمو ايمان تي نہ ٿيو، ايتري ۾ آواز آيو:"دنيا ۾ زَبان جي غير ضروري اِستعمال جي ڪري توکي هيءَ سزا ڏني پئي وڃي." هاڻي عذاب جا ملائڪ مون ڏانهن وڌيا. ايتري ۾ هڪ خوشبودار ۽ خوبصورت بزرگ منهنجي ۽ عذاب جي وچ ۾ حائل (يعني پردو ٿي) ويا ۽ ان مون کي مُنڪر نڪير جا سُوالن جا جواب ياد ڏياريا ۽ مون انهيءَ طرح جواب ڏئي ڇڏيا تہ عذاب مون کان پري ٿي ويو. مون اُن بزرگ کي عرض ڪيو:" الله پاڪ توهان تي رحم فرمائي!

توهان ڪير آهيو؟ فرمايائون: مان اهو شخص آهيان جنهن کي تنهنجي نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي ڪثرت سان دُرُود شريف پڙهڻ جي برڪت سان پيدا ڪيو ويو آهي ۽ مون کي هر مصيبت جي وقت تنهنجي مدد ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويو آهي. (القول البديع، ص260)

تمہارا نام مصیبت میں جب لیا ہو گا ہمارا بگڑا ہوا کام بن گیا ہو گا

(ذوقِ نعت ، ص 51)

سبحان الله! گهٽي دُرود شريف پڙهڻ جي برڪت سان مَدد ڪرڻ جي لاءِ جڏهن قبر ۾ دُرُود پاڪ اچي سگهي ٿو تہ صاحبِ دُرُود، الله پاڪ جا پيارا رسول صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم چو نٿا اچي سگهن! بارگاهِ رسالت ۾ فرياد آهي:

میں گور اندھیری میں گھبراؤں گا جب تنہا امداد مری کرنے آجانا مرے آقا
روشن مری تربت کو لِلّٰہ شہا کرنا جب نزع کا وقت آئے دیدار عطا کرنا

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## قادري سلسلي جو شان

طريقت ۾ ڪيئي مشهور بزرگانِ دين رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہِم جا سلسلا آهن مثلاً قادريہ، چشتيہ، نَقشبنديہ ۽ سُهرورديہ وغيره. پر مولي علي مُشڪل ڪُشا، شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ مان هلڻ وارو سيدي و مُرشدي، حضورِ غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحْمَۃُاللّٰہِ عَلَیْہ جو قادري سلسلو پنهنجو مثال پاڻ آهي. اعليٰ

حضرت امام احمد رضا خان رَحْمَةُاللهِعَلَيْه شانِ غوث پاڪ بيان ڪندي پنهنجي نعتيه ڪتاب "حدائق بخشش" ۾ لکن ٿا:

يہ چشتی سہروردی نقشبندی
ہر اِک تیری طرف مائل ہے یاغوث

(حدائقِ بخشش،ص261)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## سلسلہ عاليه قادريه جو 13هون بُزرگ

سلسلہ عاليه قادريه جو 13هون بُزرگ، حضرت شيخ عبدُالواحد حنبلي بن عبدُالعزيز تميمي بغدادي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه آهي. پاڻ ۽ ڪين والدِ محترم حضرت عبدُالعزيز تميمي رَحْمَةُاللهِعَلَيْه پنهنجي وقت جا عظيم بُزرگ، صوفي با صفا ۽ ولي ڪامل هئا. شيخ عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي ولادتِ مبارڪ 22 رجبُ المرجب 342 هجري جمعي جي ڏينهن عصر جي وقت يمن ۾ ٿي. (تاريخ بغداد، 15/11، رقم:5677) والدينِ ڪريمينِ جي يمن ۾ رهائش پذير هئڻ سبب سندن ڪي يمني بہ چيو وڃي ٿو، پاڻ رَحْمَةُاللهِعَلَيْه جي ڪُنيَت ابوالفضل ۽ لقب زَينُ الدّين يعني دين جي زينت آهي. ڪين تميمي انهيءَ ڪري چيو وڃي ٿو جو سندن تعلق عرب شريف جي عزت دار قبيلي بنو تميم سان هو هي اهو ئي مبارڪ قبيلو آهي جنهن سان مسلمانن جي پهرين خليفي حضرتِ ابوبڪر صديق رَضِيَ اللهُ عَنْه جو تعلق آهي، بنو تميم عرب ۾ حضرت اسماعيل جي اولادِ مان آهن ۽ تميم ان قبيلي جي مُورثِ اعليٰ (يعني جدّ اعليٰ) جو نالو آهي. (مراٰة المناجيح،8/319-320)

## قبيلي بنو تميم جو شان زبانِ رحمتِ عالميان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

هي قبيلو ڪيتري قدر عظمت ۾ شان وارو آهي جو الله پاڪ جي پياري پياري آخري نبي، مکي مَدَني، محمدِ عربي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کان قبيلي بنو تميم جي باري ۾ پڇيو ويو ته پاڻ ارشاد فرمايائون:”اهو ڳاڙهي جبل يا وڏين وڏين ڦڙين واري بارش وانگر آهي. هن سان دشمني ڪرڻ وارو هن کي نقصان نٿو پهچائي سگهي.“ ڪجھ ماڻهن عرض ڪيو: بنو تميم ڪير آهن؟ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: الله پاڪ بنو تميم سان صرف ڀلائي جو ارادو فرمائيندو آهي، هو وڏن متن وارا، زياده عقلمند، ثابت قدم، دجّال سان سختي سان جنگ ڪرڻ وارا ۽ آخري زماني ۾ حق جا مددگار هوندا. (مسند الحارث، 1/ 942،حديث:1039)

## دجّال تي سڀ کان سخت ڪير؟

هڪ ٻي روايت ۾ آهي ته صحابيِ رسول حضرتِ ابوهريره رَضِيَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا ته مان ٽن سببن جي ڪري بنو تميم سان محبت ڪندو رهيس جو مون رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي انهن جي متعلق فرمائيندي ٻڌو ته هي ماڻهو منهنجي اُمت ۾ دجال تي سخت ترين هوندا، انهن جا صدقا آيا ته رسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو ته هي اسان جي قوم جا صدقا آهن ۽ حضرت بيبي عائشه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا وٽ بنو تميم جي هڪ ڪنيز (يعني ٻانهي) هئي ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ارشاد فرمايو: انهيءَ کي آزاد ڪري ڇڏيو ڇوته هي حضرت اسماعيل جي اولاد مان آهي. (بخاری،157/2،حديث:2543)

حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن حديث پاڪ جي شرح ۾ فرمائن ٿا: دجّال جي خروج (يعني نڪرڻ) جي وقت بنو تميم تمام گهڻا هوندا، دجال جو مقابلو سڀ کان وڌيڪ اهي ئي ڪندا، هي مقابلو انهن جي ايمان جي مضبوطي جو دليل آهي. معلوم ٿيو تہ ڪجهہ فردن جي عظمت جي ڪري سڄي قوم کي عظمت ملي ويندي آهي توڙي جو اهي فرد هاڻي هجن يا پهريان ٿي چڪا هجن يا آئنده ٿيڻ وارا هجن. هتي ٽئين قسم جي عظمت آهي جو دجال سان مقابلو ڪرڻ وارا تميمي قيامت جي قريب هوندا پر انهيءَ قوم جو احترام، محبت اڄ ئي کان آهي. حضورِانور (صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) بنو تميم کي پنهنجي قوم فرمايو، ان نسبت سان انهن جي عظمت کي چار چنڊ لڳي ويا، خيال رهي تہ هم مذهب، هم مشرب، هم وطن، هم پيشہ، هم نسب، هم زبان، هم استاد، هم پيران سيني کي قوم چيو ويندو آهي. هتي هم وطن يا هم زبان جي معنيٰ جي ڪري (حضور اڪرم جن) تميم کي اسان جي قوم فرمايو نہ تہ بنو تميم قرشي هاشمي نہ آهن. (مراٰة المناجيح،319/8)

## شجرهٴ قادريہ رضويہ عطاريہ ۾ ذڪرِ خير

بہرِ شِبْلی شیرِ حق دُنیا کے کتّوں سے بچا
ایک کا رکھ عبدِ واحد بے ریا کے واسطے

(شجرهٴ قادريہ، ص 68)

الفاظ معنيٰ: بہرِ: واسطي. شيرِ حق: خدا جو شير. دنيا کے کتّوں:يعني مال ۽ دولت جا حريص.عبد:ٻانهو. بي رِيا: مخلص.

دُعائيہ شعر جو مفهوم: ياالله پاڪ! مون کي پنهنجي شير حضرتِ ابوبڪر شِبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي دُنيا جي ڪتن (يعني مال ۽ دولت جي

لالچين) کان بچاءِ ۽ حضرتِ عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي واسطي مون کي هڪ ڏَر جو بڻاءِ.

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

وضاحت: عبدُالواحد جي معنيٰ آهي هڪ خدا جو ٻانهو، جيتوڻيڪ عبدُالواحد (هي بُزرگ جو نالو آهي) سان گڏ ”هڪ جو رڪ“ دُعا گهرڻ ۾ هي مناسبت آهي ته ٻنهي ڪلمن ۾ ”هڪ“ جي معنيٰ آهي.

## حدائقِ بخشش ۾ ذڪرِ خير

اي عاشقانِ اولياء! امامِ اهلسنّت، اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه به هڪ فارسي ڪلام ۾ حضرتِ عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان اِستغاثو (يعني فرياد) ڪئي آهي:

شيخ عبدُالواحدا        راهم سوئے واحد نُما

ترجمو: اي اسان جا شيخ عبدُالواحد ! اسان جي رستي کي ”خداءِ وحدهٗ لا شريڪ له“ جي طرف موڙي ڇڏ ۽ اسان کي ان جو رستو ڏيکاري ڇڏ.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## والدِ محترم جو علمي مقام

حضرتِ عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جا والدِ محترم عبدُالعزيز بن حارث تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه 317 هجري ۾ پيدا ٿيا، سندن ڪُنْيَت ابوالحسن آهي، پاڻ حنبلي علماءِ ڪرام ۾ جليلُ القدر ماڻهن مان هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمِ

فرائض ۾ اصول تي ڪتاب بہ لکيا آهن. 371 هجري تي ذوالقعدةُ الحرام جي مهيني ۾ سندن انتقال شريف ٿيو. (تاريخِ بغداد، 460/10 ، 461ملتقطا) الله پاڪ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## سندن پاء جي حوالي سان دلچسپ روايت

حضرتِ عبدُالواحد تميمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جا پاء حضرتِ ابوالفرج عبدُالوهاب تميمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه هئا. پاڻ 353 هجري ۾ پيدا ٿيا، حضرتِ عبدُالواحد تميمي رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي وصال شريف کان پوءِ فتوائون ڏنائون ۽ بيانات فرمايا، بغداد شريف جي مشهور مسجد جامع منصور ۾ سندن حنبلي مذهب جي مطابق مسئلن ۾ بيانن جو حلقو هوندو هو. سندن هڪ روايت نوَ واسطن سان مروي آهي جن ۾ هر راوي جي والد جي ڪُنيَت عبدُالله هئي ۽ آخري راويءَ اها روايت حضرتِ موليٰ علي مشڪل ڪشا رَضِيَ اللهُ عَنه کان ڪئي. پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جو 425 هجري، ربيعُ الاوّل شريف ۾ اڱاري جي رات انتقال شريف ٿيو، پاڻ رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي صاحبزادي ابو محمد رِزقُ الله رَحمَةُ اللهِ عَلَيه سندن جنازي جي نماز پڙهائي ۽ سندن کي حضرتِ امام احمد بن حنبل رَحمَةُ اللهِ عَلَيه جي مزار شريف جي ويجهو دفن ڪيو ويو. (طبقات الحنابلہ، 155/2) الله پاڪ جي انهن تي رحمت ٿئي ۽ انهن جي صدقي اسان جي بي حساب مغفرت ٿئي.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّيْن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پائٽيا بہ فقہ جا امام هيا

حضرتِ ابوالفضل عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو پائٽيو حضرتِ ابومحمد رِزقُ الله بن عبدُالوهاب رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه بہ پنهنجي وقت جي وڏي حنبلي عالمن سڀُورن مان هيا. وڏا عبادت گذار، فصيح زبان وارا پڻ هيا. پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه پنهنجي والدِ محترم جي حلقہ بيان کي 450 هجري تائين جامع مسجد منصور ۾ جاري رکيو پوءِ اهو حلقو دارُ الخلافہ بابُ المَراتِب ۾ منتقل ٿي ويو ۽ پوءِ سال ۾ چار ڀيرا رجب شعبان جي بابرڪت مهينن ۾ امام احمد بن حنبل رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي مزار شريف جي ويجهو لڳندو هيو جنهن ۾ ماڻهن جو وڏو تعداد سندن بيان ٻڌڻ جي لاءِ حاضر ٿيندو هيو.

(طبقات الحنابلہ،214/2)

## فقہ حنبلي جا عظيمُ الشان امام

امام حافظ شَمسُ الدّين محمد بن احمد ذَهَبِي شافعي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي مشهور ڪتاب "سِيَرُاَعلامِ النُّبلا" ۾ لکن ٿا: حضرتِ ابوالفضل عبدُالواحد بن عبدُالعزيز بن حارث تميمي بغدادي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه حنبلي سلسلي جا عظيم امام ۽ فقيهن مان هئا، پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي والدِ محترم، حضرت عبدالله بن اسحاق خراساني، ابوبڪر نجّاد ۽ احمد بن ڪامل رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه کان حديث پاڪ روايت ڪئي. پاڻ رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه حضرت قاضي ابوبڪر باقلاني رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جا دوست هئا ۽ انهن سان محبت ڪندا هئا. (1)

(سير اعلام النبلا،171،170/13،رقم:3779 ملتقطا)

---

(1) ڪجھ اردو ڪتابن ۾ حضرتِ ابوالفضل عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو حنفي هئڻ لکيل آهي جڏهن تہ ڪيئي عربي ڪتابن ۾ ڪانئن حنبلي فقيهن مان هئڻ لکيو ويو آهي ۽ گهڻو ظاهر اهو ئي آهي تہ پاڻ حنبلي هئا. (تاريخِ بغداد،460/10،طبقات الحنابلہ،152/1)

## علمي مقام ۽ مرتبو

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه علمُ الڪلام تي هڪ ڪتاب بنام ”اِعْتِقَادُ الْاِمَامِ الْمُنَبَّلْ اَبِیْ عَبْدِاللّٰهِ اَحْمَدَ بْنِ حَنْبَلْ“ بہ تحرير فرمايو آهي، علامہ احمد بن علي خطيب بغدادي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن شان هن ريت بيان فرمايو آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ”صَدُوق“ هئا. (”صَدُوق“ فَنِّ حديث ۾ هڪ اصطلاح آهي.)

(تاريخ بغداد، 15/11، رقم: 5677)

## نهرِ فرات پنهنجا خزانا ڪولي ڇڏيندي

قادري سلسلي جي عظيم بُزرگ حضرتِ ابوالفضل عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي سند ڪان هڪ روايت پڙهو:

أَخْبَرَنَا أَبُو الْفَضْلِ عَبْدُ الْوَاحِدِ بْنُ عَبْدِ الْعَزِيزِ بْنِ الْحَارِثِ التَّمِيمِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا مُحَمَّدُ بْنُ عَبْدِ اللهِ الشَّافِعِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا مُضَرُ بْنُ مُحَمَّدٍ الْأَسَدِيُّ، قَالَ: حَدَّثَنَا سَعِيدُ بْنُ حَفْصٍ، قَالَ: حَدَّثَنَا زُهَيْرُ بْنُ مُعَاوِيَةَ، عَنْ سُهَيْلِ بْنِ أَبِي صَالِحٍ، عَنْ أَبِيهِ، عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: يُحْسَرُ الْفُرَاتُ عَنْ جَبَلٍ مِنْ ذَهَبٍ، فَيَقْتَتِلُ النَّاسُ عَلَيْهِ، فَيُقْتَلُ، أُرَاهُ قَالَ: مِنْ كُلِّ مِائَةٍ تِسْعَةٌ وَتِسْعُونَ يَا بُنَيَّ: فَإِنْ أَدْرَكْتَ ذَلِكَ الزَّمَانَ فَلَا تَكُنْ مِمَّنْ يُقَاتِلُ عَلَيْهِ- [1] (تاريخ بغداد، 13 /268، رقم:7222)

---

1 … ترجمو: اسان کي خبر ڏني ابوالفضل عبدُالواحد بن عبدُالعزيز بن حارث تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه، فرمايائون تہ محمد بن عبدالله شافعي اسان کي حديث بيان ڪئي، فرمايو: مضَر بن محمد اسدي اسان کي حديث بيان ڪئي، فرمايو تہ سعيد بن حفص اسان کي حديث پاڪ بيان ڪئي، فرمايو تہ زُهير بن معاويہ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سهيل بن ابوصالح کان حديثِ پاڪ بيان ڪئي ۽ انهن

پيارا پيارا اسلامي ڀائرو! هي حديث پاڪ قيامت جي نشانين مان آهي ته قيامت جي قريب ايئن ٿيندو. حضرتِ مفتي احمد يار خان رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: ڪجهه شارحن فرمايو آهي ته هتي جبل مان مراد بيشمار سون آهي، هِن سون تي سلطنتون جنگ ڪنديون عوام وڙهندو، مطلب ته سون جا هوندو جنگ ۽ لڙائي جي پاڙ ۽ الله جو عذاب هوندو، هر شخص اها ئي آس لڳائيندو ته شايد هي سڄو مون کي ملي وڃي هلو قسمت آزمائي ڪيان ٿو ۽ ماڻهن سان وڙهان ٿو. (مرآۃ المناجيح،258/7)

یاد رکھو! وُہی بے عقل ہے اَحمق ہے جو
کثرتِ مال کی چاہت میں مرا جاتا ہے
اپنی اُلفت کا مجھے جام پِلا دو ساقی
قلب دُنیا کی محبت میں پھنسا جاتا ہے

(وسائلِ بخشش، ص 432)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## حضرتِ خضر سان ملاقات

الله پاڪ جي پياري نبي حضرتِ خضر عَلَيۡهِ السَّلَام جي صحبت حضرتِ ابوالفضل عبدُالواحد تميمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي حاصل هئي، هڪ ڀيري حضرت خضر عَلَيۡهِ السَّلَام پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي هڪ ڪارڪ عطا ڪري دُعا ڏني ته تُون

---

پنهنجي والد کان ۽ انهن صحابي رسول حضرتِ ابوهريره رَضِيَ اللهُ عَنۡه کان حديث پاڪ روايت ڪئي ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اِرشاد فرمايو: فرات مان سون جا پهاڙ نڪرندا، انهن تي ماڻهو پاڻ ۾ جنگ ڪندا ته هر سؤ مان نوانوي ماڻهو قتل ٿي ويندا. اي منهنجا پُٽ! جيڪڏهن تو اُن زماني کي ڏسي ته تو انهن سان جنگ ڪرڻ وارن مان نه ٿجان.

عبدُالواحد (يعني هڪ خدا جو ٻانهو) آهين الله پاڪ تنهنجي عمر ۾ برڪت ڏي. (شريف التواريخ، 1/ 624)

بهرِ شِبْلی شیرِ حق دنیا کے کتّوں سے بچا
ایک کا رکھ عبدِ واحد بے رِیا کے واسطے

(شجرۂ قادريہ، ص 68)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## درود شريف جي صيغي جي صورت ۾ ذڪرِ خير

منهنجي آقا اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کي ڪيترن ئي سلسلن سان اجازت ۽ خلافت حاصل هئي، پاڻ عربي، اُردو ۽ فارسي زبان ۾ مختلف طريقت جي سلسلن جا شجره تحرير فرمايا آهن. هڪ شجرو شريف پاڻ مڪمل عربي ۾ دُرود شريف جي صيغي جي انداز ۾ لکيو آهي اُن ۾ پاڻ قادري رضوي عطاري سلسلي جي 13 هين بُزرگ، حضرتِ ابو الفضل عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو ذڪر ڪجهه هيئن فرمايو آهي:

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَعَلَى الْمَوْلَى الشَّيْخِ اَبِى الْفَضْلِ عَبْدِ الْوَاحِدِ التَّمِيْمِيِّ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ. (تاريخ و شرح شجرۂ قادريہ برڪاتيہ رضويہ، ص 109)

اهڙيءَ طرح پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جيڪو شجرو مبارڪ چشتيہ نظاميہ برڪاتيہ رضويہ لکيو آهي اُن ۾ هنن جي وسيلي سان بارگاهه اِلٰهي ۾ هيئن عرض ڪن ٿا:

اِک نگاہِ لُطف ور حمت کا ہوں مولا مُلتجی
ایک کا رکھ عبدِ واحد بے ریا کے واسطے

(تاريخ و شرح شجرۂ قادريہ برڪاتيہ رضويہ، ص 183)

## 507 ڪرامتون

قادري سلسلي جي عظيم بُزرگ حضرتِ عبدُالواحد تميمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ڪيترائي ڀيرا حَرَمين طيبين حاضري ڏني. جيتوڻيڪ عمر مبارڪ جو اڪثر حصو بغدادِ معلّي ۾ گذريو. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه تقويٰ پرهيزگاري جا پيڪر ۽ وڏا عبادت گذار هئا. سندن مبارڪ عادتون حضرتِ ابوبڪر شِبلي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جهڙيون هيون جڏهن ته پاڻ فنافِي المُرشِد(يعني پير و مرشد جي ياد ۾ فنا) هئا سندن ذريعي قادري سلسلو گهڻو عام ٿيو، ڪيئي ماڻهن پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جون برڪتون حاصل ڪيون. "تواريخ آئينہ تصوّف" ۾ آهي ته سندن کان 507 ڪرامتون ظاهر ٿيون. پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سُنّتِ مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي مضبوطي سان عمل ڪندا هئا.

(تواريخ آئينہ تصوف،ص30۔شريف التواريخ ،1/ 624۔تاريخ مشائخ قادريہ رضويہ ،ص147)

## سنّتن تي عمل

اي عاشقانِ رسول! بزرگانِ دين رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهِم جي مبارڪ زندگي سنّتن جو آئينو آهي ڇوته قرآنِ ڪريم ۾ حضورِ اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي اُسوه حسنہ (مبارڪ زندگي) کي اسان جي لاءِ بهترين نمونو(Role Model) قرار ڏنو آهي. قادري عطاري سلسلي جي عظيم بزرگ امير اهلسنت علامہ مولانا محمد الياس عطار قادري ضيائي دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه شيخ شريعت و شيخ طريقت، عامل سنّت، عالمِ سنّت، پيڪر سنّت آهن بلڪ سنّت رسول تي عمل ڪرڻ ۽ ان کي عام ڪرڻ ئي سندن جي سڃاڻپ آهي،

اَلحمدُلِلّٰه! پاڻ دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه جي نيڪي جي دعوت جي بدولت لکين اسلامي ڀائر ۽ ڀينرون سنّتن جا عامل بڻيا.

کروں بے لوث خدمت سنتوں کی     شہا گر لطف مجھ پر آپ کا ہو

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب!     صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## مريدين خليفا

اولياءِ ڪرام رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِم جي مبارڪ سيرت جي ڪتابن جي مطالعي مان حضرتِ عبدُالواحد تميمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي خليفن مان صرف هڪ مشهور خليفو حضرتِ ابوالفرح يوسف طَرطوسي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو ذڪرِ خير ملي ٿو ۽ هي قادري سلسلي جا 14 چوڏهان بُزرگ آهن تواريخ آئينہ تصوف ۾ آهي تہ ڪين 15 خليفہ اصغر ۽ صاحب مَجاز 18 حضرات هئا.

(تواريخِ آئينہ تصوف ،ص30)

## وفات شريف

علامہ احمد بن علي خطيب بغدادي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه لکن ٿا: قادري سلسلي جي عظيم بُزرگ، علم ۽ عمل جي پيڪرحضرتِ ابوالفضل عبدُالواحد تميمي حنبلي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جو انتقال شريف 410 هجري سومر شريف جي ڏينهن ذُوالحِجَّة الحرام جي آخري ڏينهن ۾ (يعني 29 يا 30 تاريخ تي) ٿيو ۽ مون کي منهنجي والدِ محترم ٻڌايو تہ جڏهن سندن جنازو مبارڪ آندو ويو تہ 50 هزار ماڻهن سندن جنازي نماز ادا ڪئي ۽ انهيءَ ڏينهن باب الحرب جي مقبري ۾ حنبلي سلسلي جي عظيم بُزرگ حضرت

امام احمد بن حنبل رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه ۽ پنهنجي والدِ محترم حضرت عبدُالعزيز تميمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جي مزار شريف سان گڏ پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه کي دفن ڪيو ويو.

(الروض الباسم فی تراجم شیوخ الحاکم،654/1 ۔ تاریخِ بغداد،15/11،رقم:5677)

امام احمد بن حنبل ۽ حضرت عبدُالواحد تميمي رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡهِما جي باري ۾ هي به آهي ته سندن مزارون شريف درياءِ دجله جي ڪناري تي هيون، درياءِ دجله ۾ ٻوڏ جي ڪري مزارن مبارڪن جو حصو دريا ۾ اچي ويو ۽ ايئن انهن مزار مبارڪن جي زيارت هاڻي نه ٿي ڪري سگهجي.

## قادري سلسلي ۾ مريد ٿيڻ جي برڪت

اي عاشقانِ اوليا! ڪامل پير جي مريد ٿيڻ ۾ دُنيا ۽ آخرت جو فائدو ئي فائدو آهي ۽ سلسلي قادريه رضويه عطاريه جي ته ڇا ڳالهه ڪجي! هن سلسلي جا بُزرگ شيخِ طريقت اميرِ اهلسنّت حضرتِ علامه مولانا محمد الياس عطار قادري رضوي ضيائي دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه آهن. پاڻ عالِمِ باعمل هئڻ سان گڏوگڏ حسنِ اخلاق ۾ بيمثال آهن. هن پُرفتن دور ۾ سندن مبارڪ ذات اسان جي لاءِ الله پاڪ جي وڏي نعمت آهي. اهي اسلامي ڀائر يا اسلامي ڀينرون جيڪي اڃا تائين ڪنهن جامع شرائط ڪامل پير جي سلسلي ۾ شامل نه آهن اهي هِن نعمت عُظميٰ کي غنيمت ڄاڻيندي فوراً اميرِاهلِ سنّت جي ذريعي حضورِ غوثِ اعظم شيخ عبدُالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه جا مريد بڻجي وڃن. اِن شاءَ الله الڪريم ٻنهي جهانن ۾ ٻيڙو پار ٿيندو ڇو ته منهنجا مرشد حضورِغوثِ پاڪ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: مون کي هڪ تمام وڏو رجسٽر ڏنو ويو جن ۾ منهنجي قيامت تائين

ٽيندڙ مريدن جا نالا لکيل هئا ۽ چيو ويو ته هي سڀ توهان جي حوالي ڪيا ويا آهن. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه فرمائن: مون جهنّم تي مقرر فرشتي کان پڇيو: ڇا جهنّم ۾ منهنجو ڪو مريد به آهي؟ انهن جواب ڏنو: نه. پاڻ رَحۡمَةُ اللهِ عَلَيۡه وڌيڪ فرمايو: مون کي پنهنجي پروردگار جي عزت ۽ جلال جو قسم! منهنجو حمايت جو هٿ منهنجي مريد تي ايئن آهي جيئن آسمان زمين تي ڇانوَ ڪيل آهي. جيڪڏهن منهنجو مريد چڱو نه به هجي ته ڇا ٿيو، اَلحمدُلِلّٰه مان ته چڱو آهيان، مون کي پنهنجي پالڻ واري جي عزّت ۽ جلال جو قسم! مان اُن وقت تائين رب جي بارگاهه مان نه هٽندس جيستائين پنهنجي هڪ هڪ مريد کي جنت ۾ داخل نه ڪرايان، اللّٰه پاڪ مون سان وعدو فرمايو آهي ته منهنجي مريدن ۽ منهنجي دوستن کي جنت ۾ داخل ڪندو ته جيڪو به پاڻ کي منهنجو مريد چوي مان اُن کي قبول ڪري پنهنجي مُريدن ۾ شامل ڪري وٺندو آهيان ۽ اُن ڏانهن پنهنجي توجه رکندو آهيان. (بہجۃ الاسرار، ص 193)

## WhatsApp جي ذريعي مُريد بڻجو:

مُريد ٿيڻ يا ڪنهن ٻئي کي مريد ڪرائڻ واري جي لاءِ اُن جو نالو مع ولديت ۽ عمر لکي ڪري هن نمبر +923212626112 تي واٽس اَپ ڪيو.

❁ هِن نمبر تي ڪال ريسيو ناهي ٿيندي، صرف ٽيڪسٽ (لکيل جي صورت ۾ تفصيلات موڪليو:

صَلُّوا عَلَی الۡحَبِيۡب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

# اشعار

حضرتِ شيخ عبدُالواحد بن عبدالعزيز تميمي بغداديرَحْمَةُ اللهِ عَلَيْهجي شان ۾ لکيل ڪجھ فارسي شِعرَ جن ۾ مختلف لَقبَن جي ذريعي سندن وفات جي تاريخ جو قطعو بيان ڪيو ويو آهي:

| | |
|---|---|
| جنابِ عبدُالواحد شیخ اکبر | کہ روشن بود ہم چوں ماہِ انور |
| چوں زیں عالم بفردوسِ بریں رفت | تو گوئی ماہِ دیں زیرِ زمیں رفت |
| بتاریخ وصالِ آں گرامی | بگو ''پیرِ ولیُّ اللہ نامی!'' |
| | 425ھ |
| شنو تاریخِ ترحیلش تو از من | کہ میگردد عیاں از ''شاہِ احسن'' |
| | 425ھ |
| بوصلِ آنجنابِ رہبرِ دیں | ندا آمد کہ ''ہادیِ ناصرِ دیں'' |
| | 425ھ |
| چوں آں ماہِ جہاں اندر جناں شد | بوصلش نورِ حقانی عیاں شد |
| چوں تاریخِ وصالِ اُو عیاں کرد | زبانم ''سیدِ عارِف'' بیاں کرد |
| | 425ھ |
| بحق چوں گشت زیں عالم وصالش | ندا شد ''عارفِ دیں'' است سالش |
| | 425ھ |
| خرد سال وصالش چوں گہر سفت | بسرور شاہِ عالم زندہ شد است |
| عیاں تاریخِ اُو چوں ماہ گفتم! | بہر یک ''شاہِ عالی جاہ'' گفتم |
| | 425ھ |

عجب تاریخِ وصلِ اُو عیاں است
بگو سرورکہ ''واصل مہرباں'' است
425ھ

(تاریخِ مشائخِ قادریہ رضویہ برکاتیہ، ص 147)

## فارسي شِعرَن جو ترجمو:

جنابِ عبدالواحد شیخِ اکبر
جو روشن تھے جیسے ماہِ انور

جب اِس عالم سے وہ فردوسِ بریں چلا گیا
تو گویا دین کا چاند زیرِ زمیں چلا گیا

ان حضرت کی تاریخ وصال میں
تم کہو ''پیرِ ولیُّ اللہ نامی''
425ھ

ان کی تاریخِ رحلت تو مجھ سے سن
جو ''شاہِ اَحسن'' سے ظاہر ہوتی ہے

اس رہبر دین حضرت کے وصل میں
ندا آئی کہ ''ہادی ناصرِ دین''
425ھ

جب وہ ماہِ جہاں جنت کے اندر گیا
اس کے وصل سے نورِ حقانی عیاں ہوا

جب اُن کی تاریخِ وصال کو عیاں کیا
میری زباں نے ''سیدِ عارف'' بیاں کیا
425ھ

اِس عالم سے جا کر حق سے جب ہوا ان کا وصال
ندا ہوئی ''عارفِ دینی'' ہے آپ کا سال
425ھ

عقل نے ان کا سال وصال موتی کی طرح نکالا
خوشی سے ''شاہ واحد زندہ دل'' کہا

425ھ

چاند کی طرح ظاہر ان کی تاریخ میں نے کہی
ہر ایک سے ”شاہ عالی جاہ“ کہی

425ھ

عجب ان کی تاریخ وصل عیاں ہے
کہو سرور کہ واصل مہرباں ہے

## 14 چوڏهون شيخ طريقت

سلسلي قادريہ رضويہ عطاريہ جو 14 چوڏهون بُزرگ، حضرتِ شيخ عبدالواحد تميمي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جو خليفو حضرت شيخ ابوالفرح يوسف بن عبداللّٰه طَرَطُوسي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه آهن. پاڻ وقت جا قطب ۽ وڏي شان وارن ولين مان هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جو مبارڪ نالو يوسف، ڪُنيت ابوالفرح، لقب علاؤالدّين ۽ راحتُ المسلمين هو. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه وڏي مرتبي ۽ شان جا مالڪ هئا. سندن والدِ محترم جو نالو مبارڪ عبداللّٰه بن يونس رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه هو. اڪثر سيرت جي ڪتابن ۾ سندن ولادت شريف جو سال ناهي ملي سگهيو جيتوڻيڪ هڪ مقام تي 15 ربيع الاوّل 407 هجري لکيل آهي. طَرَطُوس شهر ۾ ولادت ۽ سندن والدين جي قيام جي نسبت سان طرطوسي چيو ويندو آهي.

## شان ۽ عظمت

حضرت شيخ ابوالفرح طَرَطُوسي رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه وڏا عبادت گذار ۽ متوڪل بُزرگ هئا. پاڻ رَحْمَةُ اللّٰہِ عَلَيْه جي دنيا جي طرف بلڪل رغبت نہ هئي. پاڻ پنهنجي پير و مرشد حضرت شيخ ابوالفضل عبدالواحد تميمي کان خلافت جو خرقو پاتو ۽ اُنهيءَ جي نقشِ قدم تي هلندي قادري سلسلي

جي فيضان کي دنيا ۾ عام فرمايو. والدِ محترم حضرت عبدالله بن يونس رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان بہ فيضان حاصل ڪيو ۽ حضرت فضيل بن عياض رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جي بہ بابرڪت صحبت پاتائون

## شجره قادريّ رضويّ عطاريّ ۾ ذڪرِ خير

بُو الفَرَح کا صدقہ کر غم کو فَرَح، دے حُسن وسَعد

الفاظ معنيٰ: بوالفرح: خوشي وارو. فرح :خوشي. حُسن: چڱائي ۽ ڀلائي. سعد:خوش بختي.

## دعائيہ شِعر جو مفهو

يا الله پاڪ! توکي ابوالفَرَح محمد يوسف بن عبدالله رَحْمَةُاللهِ عَلَيْه جو واسطو منهنجي غمن کي خوشين ۾ تبديل ڪري ڇڏ.

اٰمين بِجاہِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

## دلچسپ معلومات

شجري قادري رضوي عطاري جي هن شِعر جي خوبي هي آهي تہ جنهن بُزرگ جي جيڪا ڪنيت ذڪر ڪئي وئي آهي انهيءَ جي مناسبت سان دعا گهري وئي آهي، مثلاً ”ابوالفرح“ جو وسيلو پيش ڪري فرح يعني خوشي طلب ڪئي وئي آهي. نالو ۽ مدعا ۾ هيءَ مناسبت آهي تہ ٻنهي ۾ ”فَرَح“ جو لفظ آهي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## 700 ڪرامتون

شريف التواريخ ۾ آهي تہ پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان تقريباً ست سو ڪرامتون منقول آهن. امامِ اهلسنّت مولانا شاهہ احمد رضا خان رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فارسي شجري ۾ لکن ٿا:

بِے فَرَح را بِالفرَح طَرطُوسیا اِمداد کُن

ترجمو: اي ابوالفرح طرطوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ! مون جهڙي ناخوش کي خوشيون عطا فرمائي ڪري منهنجي مدد فرماءِ.

پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو مبارڪ سلسلو ڪين مشهور خليفي حضرت ابوالحسن هڪّاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه کان هليو ۽ حضرت ابوالحسن هڪّاري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سلسلي قادري رضوي عطاري جو15 هون بُزرگ بہ آهي.

## رحمتِ الاهي لهڻ جو نسخو

حضرتِ شيخ ابوالفَرَح محمد يوسف بن عبداللّٰه رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه فرمائن ٿا: جيڪوبہ اڱاري جي رات هِن وظيفي کي 80 ڀيرا پڙهي تہ اُن تي اللّٰه پاڪ جي رحمت نازل ٿيندي اهو وظيفو هي آهي: يَارَءُوْفُ اَنْتَ الَّذِیْ لَا تَرُدُّ الْمُحْتَاجِیْنَ وَالْمَسَاکِیْنَ مَحْرُوْمًا مِّنْ بَابِهٖ

ترجمو: اي مهربان ذاتَ جيڪا محتاجن ۽ مسڪينن کي پنهنجي در تان خالي ناهي موٽائيندي. (شريف التواريخ،ص628)

تو والی ہے ہر بیکس کا تو حامی ہے ہر بے بس کا
ہر اِک کے لیے دَر تیرا کھلا سبحان اللہ سبحان اللہ

یہ سالکِ مجرم آیا ہے اور خالی جھولی لایا ہے
دے صدقہ رحمتِ عالم کا سبحان اللہ سبحان اللہ

صَلُّوا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## وفات شريف

3 شعبان المعظم 447 هجري جو پاڻ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جو وصال شريف ٿيو. سندن مزار شريف طرطوس ۾ آهي. سيدي اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي درود جي انداز ۾ لکيل شجري شريف ۾ اسان جي ان پير و مرشد جو ذڪر مبارڪ ڪجھ هن طرح آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلَيْهِ وَعَلَيْهِمْ وَعَلَى الْمَوْلَى
الشَّيْخِ اَبِي الْفَرَحِ الطَّرْطُوْسِيِّ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰى عَنْهُ

حدائق بخشش ۾ اعلي حضرت رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هڪ مقام تي خليفي شاھ آل رسول حضرت ابوالحسنين نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي شان ۾ هڪ منقبت لکي آهي ان ۾ حضرت شيخ ابوالفرح رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه. جي وسيلي سان ڪجھ هيئن عرض ڪن ٿا:

بوالفرح کے لئے فرح دیدے
غم نے گھیرا ہے احمدِ نوری

يعني اي احمدِ نوري رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه ! مون کي غمن گھيريو آهي توهان حضرت ابوالفرح طرطوسي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي صدقي مون کي خوشيون

عطا فرمائي ڇڏيو.

مجھے دونوں عالم کی خوشیاں عطا ہوں
مٹادے زمانے کے غم یا الٰہی

اٰمين بِجاهِ خاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

صَلُّوا عَلَى الۡحَبِيۡب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد